ڊاڪٽر قاسم ٻگھيو

# لسانيات کان سماجي لسانيات تائين (1)

## (هڪ اڀياس)

[گذريل ٽيهن سالن دوران علم لسانيات يعني ٻوليءَ جي علم جو زمان، مڪان، گھاڙيٽي ۽ مختلف شاخن جي حوالي سان ترتيبوار مطالعو وقت جي ضرورت ۽ وقتائتي فڪر جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. هن علم تيزيءَ سان پکڙجي ايتريقدر تہ مقبوليت حاصل ڪئي آهي، جو دنيا جون ڪيترين ئي اهم يونيورسٽيون هن علم کي گريجوئيشن ۽ پوسٽ گريجوئيشن جي نصابن ۾ شامل ڪري مڪمل سندون ڏئي رهيون آهن.

ترقي يافتہ دنيا جي ابتڙ پاڪستان ۾ هن علم بابت اڃا تائين سنجيدگيءَ سان ڪونہ سوچيو ويو آهي. جيتوڻيڪ ڪجھہ يونيورسٽين ۾ هن جديد علم جي تربيت حاصل ڪيل ڪجھہ استاد موجود آهن، پر انهن يونيورسٽين ۾ بہ رڳو تعارفي لسانيات ئي پاڙهي وڃي ٿي ۽ ان جي تفصيلي، تشريحي مطالعي کان علاوه لسانيات جي ٻين اهم شاخن طرف ڌيان ڪونہ ٿو ڏنو وڃي.

ترقي يافتہ دنيا ۾ هن علم جي چرچي ۽ تحقيق سماجيات، نفسيات، فلسفي ۽ علم انسان جي ڄاڻن، استادن ۽ ڳالھہ ٻولھہ جي علم کي تجربيگاهن ۾ پرکيندڙن (speech therapist) کان علاوه ٻين ڪيترن ئي سماجي سائنس جي ماهرن کي احساس ڏياريو آهي تہ، ٻولي سندن ڪم ۽ زندگيءَ جي سمورين مصروفيتن ۾ تمام وڏي ۽ اهم جاءِ والاري ٿي. پر جڏهن انهن هن علم جي باري ۾ وڌيڪ کوجنا جي ڪوشش ڪئي تہ کين محسوس ٿيو تہ لسانيات جو موضوع

## ٽيبل: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين

ٻولي
Language

لسانيات
Linguistics

ٻنابيني/ تسابهاتي لسانيات
Comparative Linguistics

تاريخي لسانيات
Historical linguistics

جاگرافيائي لسانيات يا لسانياتي جاگرافي
Linguistic Geography Geo-linguistics

محاورا شناسي
Dialectology

جاگرافيائي محاورا
Geographical dialects

لاڳاپي ۾ ايندڙ محاورا
Dialects in contact

لاڳاپي ۾ ايندڙ ٻوليون
Languages in contact

سماجي لسانيات
Sociolinguistics

ٻوليءَ جي رٿابندي
Language planning

ٻوليءَ جي حيثيت مقرر ڪرڻ
Status of Language

ڪهڙن مطابق ٻوليءَ جو ڪهاڙيو
Corpus planning

ٻولي جو وڌو ۽ حاصلات
Language acquistion

ٻوليءَ ۾ فرق ۽ تبديلي
Language variation and change

محاورا شناسي
Dialectology

سماجي محاورا
Social dialects

سماجي آراڊايون (فرق)
Social variaties

Labov, W. (1972). Sociolinguistic Patterns. Basil Blackwell, Oxford.

Moulton. (1962) Dialect Geography and the concept of Phonological Space. Word : 18 pp. 23-32.

Trudgill, P. (1972). Sex, Covert, prestige and Linguistic Change in the Urban British English of Norwich. Language in Sociaty 1, pp. 179-195.

___ (1974). The Social Differentiation of English in Norwich. Combridge University Press.

___ ed. (1978). Language patterns in British English. Edward Arnold. U.K.

Weinreich, U. (1953) languages in contact: findings and problems.

## وڌيڪ مطالعي لاءِ ڏسو:

1- الانا. ڊاڪٽر غلام علي. (1979) سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

2- جتوئي. محمد عمر (1985) لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون اُڀاڙ. زيب ادبي مرڪز حيدرآباد.

3- ٻگهيو. ڊاڪٽر قاسم (1991) پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي رٿابندي ۽ سنڌي ٻولي. نئين زندگي ڊسمبر. ص ص. 3-13.

4- ٻگهيو. ڊاڪٽر قاسم (1994). سماجي لسانيات ۽ ٻوليءَ بابت غير علمي مفروضا. ٽماهي مهراڻ 3/4 سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد ص. 156-168.